ڊاڪٽر ناهيد پروين

# سلطان باهو: شخصيت، فن ۽ فڪر


***Abstract***

**Sultan Bahu (1630-1691)**

*Sultan Bahu was one of the popular persons among the Sufi-thinkers of Punjab.*

*He was born in 1630, in Awan village of District Jhang. He pertained to a religious family and was staunch follower of religious school and was well -versed in Fiqah, Shariah and Quranic injunctions. In addition to the above, he was also scholar and knew the Languages, viz: Arabic, Persian, Seraiki, Punjabi, Hindi and Baluchi.*

*He was not attended any school, but acquired the knowledge through his spiritual master or 'Murshid' and the zest for Language learning was in-born in him. It is said that he was written 140 books, but due to scarcity of printing facilities, all of those could not be got published, hence a few books have retained the test of time and are available for the readers and researchers at present. The popular book of Punjabi poetry, 'Abyat-e-Bahu', is famous and appreciable.*

*It is said that, he belonged to Qadri School of thought, thus his Suifistic and Poetic philosophy was more inclined to-wards that school.*

*Some couplets have been quoted and those have also been compared with those of Shah Abdul Latif of Sindh.*

*Sultan Bahu, believes that, inorder to achieve the sublime and universal state, one has to seek guidance from 'Murshed', who can show the path of eternity.*


سلطان باهو پنجاب جي صوفي ڏاهن ۾ اهم مقام رکي ٿو. پاڻ مغل بادشاهه شاهجهان جي دور جي هڪ جاگيردار ڪٽنب ۾ اک کوليائين، ان ڪٽنب جو تعلق پنجاب جي جهنگ ضلعي سان هو. سندس پيءُ بازيد محمد، صالح، شريعت جو پابند، قرآن جو حافظ، فقهي معاملن جو ڄاڻو ۽ دهلي سلطنت جو منصبدار هو. زندگيءَ جي آخري مرحلي ۾ پنهنجي پٽ جي خواهش تي هڪ نيڪ عورت خاتون بيبي راستي سان شادي ڪيائين. ان عورت جي پرهيزگاريءَ جو بازيد محمد تي ايترو ته اثر ٿيو جو آخرڪار گهرگهاٽ ڇڏي باقي ڄمار رب





جي عبادت ڪندي گذاريائين. (1)

سلطان باهو 1630ع ۾ جهنگ ضلعي جي ڳوٺ اعوانڻ ۾ ڄائو. اهڙيءَ ريت پاڻ شاهه عبداللطيف ڀٽائي کان 59 سال اڳ ڄائو. سندس سوانح نگار سلطان حامد ڪيس ڄمندي ئي ڄام جي مصداق پيدائشي ولي ڪوٺيندي لکي ٿو ته:

”جڏهن پاڻ ڪجهه سياڻا ٿيا ته ڏينهن رات واردات ۽ جذبات الاهي ۾ رڌل رهيا، ايتري حد تائين جو ظاهري علمن کي پرائڻ لاءِ به وٽن وقت نه بچندو هو. پنهنجي ڪتاب ”الفقرا“ ۾ فرمايو اٿن ته مون وٽ ظاهري علم نه هو، پر غيبي واردات سبب باطني علم ايترو ماڻيم جو ان لاءِ ڪيترائي دفتر گهربل هئا.“ (2)

ان بيان مان پروڙ پوي ٿي ته سلطان باهو ظاهري ۽ روايتي طرح علم نه پرايو. پنهنجي هڪ شعر ۾ ان ڏانهن هن ريت اشارو ڪيو اٿن ته ”جيتوڻيڪ مان ظاهري علمن کان محروم آهيان، پر باطني علمن منهنجي زندگي پاڪ ڪري ڇڏي.“ (3)

سندس والده ڪيس باهو نالو ڏنو. لفظ باهو روحاني نظريي موجب نهايت معنيٰ رکندڙ آهي، اهو فارسي ٻوليءَ جي ٻن لفظن ”با“ ۽ ”هو“ جو مرڪب آهي. با جو مطلب گڏ ۽ هو جو مطلب آهي خدا. تنهن ڪري باهو جي گڏيل معنيٰ ٿي خدا سان گڏ، يا خدا سان گڏيل يا ڳنڍيل. ڪنهن به اهڙي معنيٰ رکندڙ نالي واري شخص لاءِ، جيڪو غور ۽ فڪر جو مزاج رکندڙ هجي، ان جو نالو به اهڙي ئي مطابقت رکندڙ خيال پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو، تنهن ڪري سلطان باهوءَ کي سندس نالو پنهنجي افضل ترين خيال جي ڪشش ڏيئي حق يا حقيقي مقام جي ياد ڏياريندو هوندو. شايد ان لاءِ ابيات باهو جي آخري بيت ۾ چيو اٿس:

نال تصور اسم اللہ دے، دم نوں قید لگائیں ہُو
ذاتے نال جاں ذاتی رلیا تد باہُوؒ نام سدائیں ہُو (7)

اي باهو خدا جي تصور سان پنهنجي نفس کي ماتو ڪري، جڏهن تون پنهنجي پاڻ (روح) کي رب جي ذات (هستيءَ) ۾ پيهي ڇڏيندين، تڏهن ئي تون



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

باهو ڪوٺائڻ جو حقدار ٿيندين.

باهو پنهنجي اندر ۾ هڪ منفرد شان رکي ٿو، جو ان ۾ صنعت قلب يا صنعت تقليب هڪ منفرد شان انداز ۾ نظر اچي ٿي، يعني اهو نالو الله تعاليٰ جي صفاتي نالن 'وهاب' جي مقلوب يا ابتي صورت آهي. وهاب جي اکرن کي جيڪڏهن ابتو ڪري پڙهيو وڃي ته اهو "باهو" ٿهي ٿو پوي. ان حوالي سان باهوءَ جي نالي ۾ خدا تعاليٰ جي نالي جي صفت اڻ سڌيءَ طرح موجود آهي.

باهو سان گڏ لفظ سلطان سندس نالي جو حصو ناهي، پر سندس اعليٰ اخلاق ۽ ننديپڻ کان ٿي بزرگن ۽ اوليائن واري هلت سبب سلطان لقب طور اوهان جي نالي سان ڳنڍيو ويو. نه ته پاڻ، پاڻ کي باهو اوان يا اعواڻ ڪوٺيندا هئا، جو پاڻ اوان قبيلي سان تعلق رکندڙ هئا.

شاهه سائينءَ لاءِ به ڪجھ محققن جو چوڻ آهي ته پاڻ اُمي هئا، پر اها روايت درست نٿي لڳي. ڇاڪاڻ ته شاهه سائينءَ جو ڪلام ان ڳالھ جي شاهدي ڏيئي ٿو ته پاڻ عربي، فارسي، سرائيڪي، پنجابي، هندي ۽ بلوچي ٻولين تي مڪمل عبور رکندا هئا.

ڪجھ اهڙو ئي حال سلطان باهو جو به آهي ۽ اهو چوڻ درست نه ٿيندو ته سلطان باهو ظاهري علمن کان اڻڄاڻ هو. سندس لکڻين جي هڪ ڊگهي فهرست آهي، جيڪا عربي، فارسي ۽ پنجابي ٻولين تي ٻڌل آهي، جنهن مان واضح ڄاڻ ملي ٿي ته ڪين نه فقط پنهنجي دور جي رائج ٻولين تي عبور حاصل هو، بلڪ پاڻ مذهبي علمن کان به فيضياب ٿيل هئا. جيتري قدر باطني علمن جي حاصل ڪرڻ جو تعلق آهي ته سلطان باهو ان ڏس ۾ سڀ کان پهرين پنهنجي والده بيبي راستي کان اهو علم پرايو. چيو وڃي ٿو ته پاڻ پنهنجي امڙ جي مريدي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪين عرض ڪيائون، پر جيئن ته اسلام ۾ عورتن کي روحاني رهنمائي لاءِ موزون نٿو سمجهيو وڃي، ان ڪري سندن والده انڪار ڪيو ۽ ڪيس ٻئي ڪنهن کي مرشد ڪرڻ جي صلاح ڏنائون. جنهن کان پوءِ سلطان باهو مرشد جي ڳولا لاءِ نڪري پيو ۽ اها ڳولا ڪين شورڪوٽ جي ڏکڻ ۾ ڳڙهه بغداد نالي هڪ وسنديءَ ۾ وٺي





ويئي، جتي قادري سلسلي جو هڪ بزرگ شاهه حبيب الله قادري رهندڙ هو (4) پاڻ سندن مريدي اختيار ڪيائون، پر لڳي ايئن ٿو ته پاڻ روحاني مرحلا پنهنجي مرشد جي پيٽ ۾ وڏيڪ تڪڙا طئہ ڪيائون ۽ معرفت جي واٽ ۾ ڪائنس اڳيان نڪري ويا. اهو محسوس ڪندي مرشد سڳوري ڪين پنهنجي پير سيد عبدالرحمٰن ڏانهن رخ ڪرڻ جي هدايت ڪئي. سيد عبدالرحمٰن سان ملڻ لاءِ سلطان باهو دهليءَ پهتو. اهو اورنگزيب عالمگير جي دور جو واقعو آهي. جيئن ته سلطان باهو جو تعلق قادري مڪتبہ فڪر سان هو، جيڪو دارا شڪوه جي حوالي سان عالمگيري تشدد جو نشانو بڻيل هو، ان ڪري لڳي ٿو ته سلطان باهوءَ جي، گاديءَ واري شهر ۾ موجودگي کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو ويو. ڊاڪٽر لاجونتي رام ڪرشن لکيو آهي ته، عالمگير سندس بابت ڄاڻ حاصل ڪندو رهندو هو. (6) ڪجھ ٻين روايتن کان به ان بابت ڄاڻ ملي آهي.

سلطان حامد، مناقب سلطاني، ۾ روايتي انداز ۾ هڪ واقعو درج ڪيو آهي، جنهن مان پروڙ پوي ٿي ته اورنگزيب عالمگير ۽ سلطان باهو جي وچ ۾ تضاد پيدا ٿي پيا هئا. پاڻ لکن ٿا ته، "جڏهن سلطان باهو، سيد عبدالرحمٰن کان فيض پرايو ته ڪين خيال آيو ته جيڪو پرايو آهي، تنهن جي ٻين سان به ونڊ ورڇ ڪجي. اتفاق سان ان وقت دهلي جي جامع مسجد ۾ جمع جي نماز پڙهي پئي ويئي، اورنگزيب به پنهنجي عملدارن سان گڏ اتي پهتو.

ان وقت مسجد ۾ تمام گهڻي رش هئي، اندر وڃڻ ڏکيو هو، تنهن ڪري سلطان باهو جتيون ٻاهر رکي ويهي رهيا ۽ جڏهن پاڻ ڌيان ڌرايائون ته سڄي مسجد تي شور گوڙ ۽ وجد طاري ٿي ويو ۽ سواءِ ٽن ماڻهن جي بادشاه اورنگزيب، شهر جو قاضي ۽ داروغو ان جذبي جي تاثير ۽ اثر کان وانجهيل رهيا. ٽنهي وٽن اچي هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته، "ولي الله! اي مرد خدا، اسان ڪهڙو ڏوهه ۽ خطا ڪئي جو اسان کي ان رحمت کان محروم رکيو ويو ۽ اسان تي ڌيان نه ڏنو ويو آهي." پاڻ فرمايائون ته، "اسان ته سيني کي هڪ ئي نظر سان ڏٺو ۽ ڌيان ڏنو، پر توهان تي ان ڪري به اثر نه پيو جو اوهان سخت دل آهيو."

هنن تنهي وري هٿ بڌي فيض لاءِ ٻاڏايو ته پاڻ فرمايائون ته، ”ان لاءِ ڪجھ شرط آهن، توهان ۽ توهان جو اولاد ۽ اسان جي اولاد ۽ پوئيرن لاءِ دنياوي عملن جي ملڪيتن جي مروت نه ڪن ۽ اسان جي در تي نه اچن ته جيئن توهان جي دنياوي علمن جي ڪري اسان جو عيال ۽ اولاد دنياوي جهيڙن جهڳڙن ۾ نه وجي پون.“ پاڻ اورنگزيب کان اهو اقرار وٺي مٿس ڏيان ڏنائون ۽ ڪيس خاص فيض تائين رسايائون، جنهن کان پوءِ هلڻ لاءِ سنبريا. اورنگزيب اوهان جي يادگار لاءِ عرض ڪيو ته پاڻ اتي ٻيٺي ٻيٺي ڪتاب ’اورنگ شاهي‘ تاليف ڪيائون، جنهن کي شاهي ڪاتب ان وقت ئي لکي ورتو ۽ ان کي ارشاد نامي طور يادگار رکيو ويو ۽ پاڻ ان وقت ئي موٽي ويا.“

مٿين روايت کي لفظ به لفظ صحيح سمجھڻ ضروري ناهي، پر ان ۾ جيڪو صداقت جو عنصر آهي، سو اهوئي آهي ته دهليءَ ۾ رهڻ دوران سلطان باهو جا هندستان جي شهنشاهه ۽ سندس عملدارن سان اختلاف پيدا ٿي پيا. شايد دهليءَ کي ڇڏي اچڻ جو سبب به اهوئي هو. سلطان باهوءَ جي باقي زندگي روحاني رياضتن ۽ ماڻهن کي فيض پهچائڻ ۾ گذري، پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته سلطان باهو بابا فريد يا شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جيان درويشن واري زندگي گذاري. سندس طبقاتي پس منظر سندن زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻيءَ جو گهڻي حد تائين تعين ڪيو، تنهن ڪري پاڻ هڪ وڏي ڪٽنب جا سرواڻ هئا. پاڻ هڪبئي پويان چار شاديون ڪيائون، انهن زالن مان ڪين اٺ پٽ ڄاوا. زندگيءَ جو اهو انداز ٻنا ڪنهن شڪ جي روايتي صوفياڻي زندگيءَ جي طرز کان ڌار آهي، ته به معلوم ٿئي ٿو ته زندگيءَ جي آخري دور ۾ پاڻ سڀ ڪجھ ڇڏي درويشياڻي زندگي گذاريائون. پاڻ 2 مارچ 1691 تي لاڏاڻو ڪيائون. (10) ڪين قلعي قهرگان نالي ڳوٺ ۾ چناب نديءَ جي ڪناري دفنايو ويو. 1766ع ۾ جڏهن سکن جي ڀن سردارن گنڊا سنگھ ۽ جهنڊا سنگھ شورڪوٽ تي ڪاهه ڪئي ته سندس مٿن مائٽ ۽ مريد سلطان باهوءَ جي مقبري کي بچائڻ جي خواهش رکندي به ڊپ وچان پچي ويا، پر سندس هڪ مريد مقبري جي بچاءَ لاءِ اتي وينو رهيو. سکن سردارن





نه ته مجاور کي ڪجھ چيو ۽ نه وري مقبري کي ڪو نقصان رسايو.

1775ع ۾ جڏهن چناب نديءَ پنهنجو رخ مقبري ڏانهن ڪيو ته ان کان اڳ جو مقبري کي لوڙهي وڃي ها، سندس مريدن سندس تابوت، جنهن ۾ جسد خاڪي هو، ڪجهه ٿوري فاصلي تي هڪ پپر جي وڻ هيٺان پوري ڇڏيائون. سندس پوئيرن کي قادريه مسروريه ڪوٺيو ويندو آهي. (11)

پاڻ گهڻو عرصو شورڪوٽ ۾ رهيا. پاڻ ماڻهن کان پري رهڻ لاءِ جهنگن ۽ بيابانن ۾ هليا ويندا هئا، يا ڪنهن قبرستان ۾ وڃي ديرو ڄمائيندا هئا، پر وري شورڪوٽ موٽي ايندا هئا جو ڪين ان ڌرتيءَ سان گهڻي محبت ۽ انسيت هئي، جنهن لاءِ پاڻ چيو اٿن:

شور شہر تے رحمت وسے جتے باھوؒ جالے ہُو،

باغباں دے بوٹے وانگوں طالب نت سنبھالے ہو۔

پاڻ پنهنجي جاگير ۾ به پيرا فصل پوکيائون، پر اجا فصل پڪو ئي ڪونه ته ان کي جانورن کي کارائي ڇڏيائون. ڪين دنياوي ساز ۽ سامان سان ڪا دلچسپي نه هئي. پاڻ پنهنجي خوديءَ کي ختم ڪري ڇڏيو هئائون ۽ ڇڳيءَ طرح رب جي رضا ماڻڻ لاءِ آتا رهندا هئا. پاڻ ڪرامتن ڏيکارڻ جي سخت خلاف هئا.

علم ۽ فنن جي باقاعدگيءَ سان تعليم پرائڻ کان سواءِ لکڻ ۽ شاعري سلطان باهوءَ جو مشغلو هو. اها روايت به مشهور آهي ته پاڻ هڪ سو چاليهه ڪتاب لکيائين، انهن مان گهڻا وقت ۽ زماني جي نذر ٿي ويا، جو انهن کي سانڍي نه رکيو ويو، تنهن هوندي به اڃا به ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. اهي ڪتاب عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ لکيا ويا آهن. لاهور جي ملڪ چنن دين، جيڪو ڪتابن جو پبلشر به آهي، موجود سڀني ڪتابن جو اردو ترجمو ڪرائي، انهن کي شايع ڪيو آهي،جن ۾ ’ابيات باهو‘ شرح ۽ معنيٰ سان آهي، پر انهن موجود ڪتابن مان گهڻا چوپڙين جي صورت ۾ آهن. سلطان باهو ڪجھ مخصوص موضوعن تي زور ڀريو آهي ۽ انهن ڪتابن ۾ انهن جو گهڻو ورجاءُ نظر اچي ٿو. انهن ڪتابن ۾ تصوف جي مسئلن تي روايتي انداز ۾ بحث ڪيو ويو آهي. فڪر



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ ڪٿي بہ ڪا جدت نظر نٿي اچي، گڏوگڏ نثري لکڻين ۾ منطقي ربط ۽ تسلسل بہ گهٽ آهي. حقيقت ۾ سلطان باهوءَ جو اڀياس واقعاتي آهي، جنهن ۾ ڳوڻاٽي فهم ۽ دانش جو اڀياس نظر اچي ٿو. سندس ڪتاب ’محكم الفقرا خورد‘ مان بہ اقتباس پيش ڪجن ٿا، جن مان سلطان باهو جي انداز جي وضاحت ٿي سگهندي. انهن ماڻهن جو ذڪر ڪندي، جيڪي علم ۽ هنر جي وقعت جا قائل ناهن، پاڻ لکي ٿو: ”علم ۽ عالم جو دشمن ٽن قسمن کان خالي نہ هوندو آهي، ڪافر هوندو آهي يا فاسق (ڪوڙو) يا جاهل. اهو فقر جو دشمن بہ اهڙيءَ ريت هوندو آهي، يا منافق يا ڪاذب غافل، مرده دل. جاهلن جا ٽي قسم هوندا آهن:

جاهل ڪافر، جو ڪلمہ طيبہ نہ پڙهي،

اهو جاهل، جيڪو رب سائين جو ظاهر ۽ باطن حاضر ۽ ناظر بابت ڄاڻ رکندڙ نہ هجي،

اهو جاهل، جيڪو ڪميڻي دنيا جو لوڀي ۽ پنهنجي خوديءَ ۾ مست هجي.(13)

اهڙيءَ ريت ’محكم الفقرا خورد‘ ۾ زندگيءَ جي مادي لوازمات تي بحث ڪندي سلطان باهو لکي ٿو تہ، ”دنيا جو ذڪر بلڪل شيطاني ڳالھ آهي. نفس شيطاني آهي ۽ دنيا ڦورو. مال ۽ دولت سان دوستي اهوئي رکندو آهي جيڪو رب جو دشمن آهي. دنيا سراسر شرڪ آهي ۽ رياڪار ڪفر ۽ غرور ۾ آهن.

دنيادار ماڻهو مفلس آهي، دنيا جو گهر بخيل جو گهر آهي. جيڪو شخص ايماندار ٿي مئو، سو پاڻ سان گڏ سوين خزانا کڻي ويو ۽ جيڪو دنيا مان بي ايمان ٿي ويو، سو نادارن ۾ ڄڻ تہ مئو. هو زبان سان دنيا دنيا رڙندو سوين گناهن سوڌو هليو ويو. عارفن لاءِ دنيا ترڪ ڪرڻ ئي عزت ۽ مرتبي جو سبب آهي. رب سائين فرمايو آهي تہ، قل متاع الدنيا قليل، يعني اي منهنجا حبيب ٻڌائي ڇڏ تہ دنيا جي دولت ٿوري آهي.

حقيقت ۾ دنيا ماهواريءَ جو رت آهي. دنيا جو طالب اهوئي هوندو آهي، جيڪو ولد الزنا ۽ ولد الحيض هجي يعني بلڪل حرامي ۽ حرام جي طلب





۾ قاتل هجي. (13)

اهڙي قسم جا ويچار سلطان باهوءَ جي نثري لکڻين ۾ عام جام ملن ٿا. انداز بيان عام ۽ سطحي آهي. پاڻ ڏاهپ جي منجهيل انداز کان پاسو ڪيو اٿس. ڳالهيون ۽ نڪتا سنئين سڌي انداز ۾ خطيبن جيان بيان ڪري ٿو. نثري لکڻين کان سواءِ بہ شعري مجموعا بہ سلطان باهوءَ سان منسوب ٿيل آهن. هڪڙو مجموعو فارسي ۽ ٻيو پنجابي ٻوليءَ ۾ آهي. جيڪڏهن انهن سيني تصنيفن کي مصدقہ مڃيو وڃي تہ سلطان باهوءَ جو هڪ عجيب تصور آڏو اچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ جيڪو ڪجھ پاڻ نثر ۾ لکيو اٿن، نظم ۾ ان جي ترديد ڪئي اٿن. سلطان باهوءَ جي موجوده شهرت سندس پنجابي شاعريءَ جي ڪري آهي، جنهن کيس حيات جاودان عطا ڪئي آهي. جيتوڻيڪ پاڻ پنهنجي پنجابي شاعريءَ کي اهميت ڪونہ ڏني اٿائون ۽ مرزا غالب وانگر فارسيءَ ۾ شاعري ڪرڻ کي نہ فقط پسند ڪيو اٿن، پر ان کي ترجيح بہ ڏني اٿائون. پنجابي شاعريءَ وارو ديوان ’ابيات باهو‘ بہ سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ ترتيب ڏنو ويو آهي.

سلطان باهوءَ جو تعلق تصوف جي قادري مڪتبہ فڪر سان هو. اهو تعلق ايتري قدر شديد هو جو پاڻ پنهنجي لکڻين ۾ جابجا پنهنجي روحاني سلسلي جي عظمت جي واکاڻ ڪئي اٿن ۽ عام صوفياڻي لاڙن جي برعڪس قادري سلسلي کان سواءِ ٻين صوفي سلسلن کي منجهائيندڙ، گمراھ ڪندڙ، هيچ ۽ اڻوڻندڙ ڪوٺيو اٿن. تنهن ڪري لکي ٿو تہ، ”واضح هجي تہ قادري طريقو سيني طريقن تي قادر ۽ قومي آهي، ان ڪري ابتدائي طريقہ قادري ٻين سيني طريقن جي انتها آهي. قادري طريقي ۾ طالب ۽ مريد گل جيان آهي ۽ باقي طريقا انهن جي مقابلي ۾ ائين آهن جيئن گلن جي چوگرد ڪنڊا. اهي رڳو نفس جي قيد ۾ ذليل ٿيندا آهن، پر قادري طالب اعتبار جوڳو هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو هڪ ئي دفعي ديدار جو شرف ماڻيندو آهي، تنهن ڪري کيس ذڪر ۽ مراقبي جي گهرج نہ هوندي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ غيرقادري کڻي ڪيتري بہ رياضت ۽ مجاهدو ڪري، پر ادنيٰ قادريءَ کي بہ رسي نہ سگهندو آهي. پنهنجي سلسلي جي باني



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شيخ عبدالقادر جيلانيءَ کي هو ڪامل ترين ولي ڪوٺي ٿو، جنهن جي آڏو ٻين اوليائن جي ڪا قيمت ڪانهي. (14)

سلطان باهوءَ جي ڪلام ۽ نثري لکڻين ۾ تضاد بلڪل واضح آهن، جنهن جا ڪيترائي سبب آهن. سڀ کان وڏو سبب اهو آهي ته هر دور جي شاعريءَ جا مخصوص موضوع ۽ اظهار جا انداز هوندا آهن ۽ شاعريءَ جا اهي لوازمات عام طور تي شاعريءَ تي حاوي ٿي ويندا آهن. جنهن سان شاعر جا خيال به متاثر ٿيندا آهن. سلطان باهوءَ سان اهو ساڳيو معاملو پيش آيو آهي. وري اها ڳالهه به ذڪر جوڳي آهي ته سلطان باهو جي لکڻين جي مصدقه هئڻ تي به شڪ آهي ۽ اها ڳالهه ته خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿي ته سندس ديوان ۾ ڪيترائي ٻاهريان شعر به موجود آهن. (15)

سلطان باهوءَ جي بيتن سان به ذري گهٽ ساڳي ڳالهه لاڳو ٿئي ٿي، جيڪا شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام يعني 'گنج' سان ٿي، جنهن جي چندچاڻ مهل ڪيترن ئي محققن ڪيترن ئي بيتن کي رسالي مان ڪڍي ٻاهر ڪيو، جن ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٻين جي ڀيٽ ۾ اڳرا هئا. افسوس اهو آهي ته سلطان باهوءَ جي ڪلام کي سهيڙيندڙ اها جاکوڙ نه ڪئي ته سندس نج ڪلام کي ڪڍي پاسيرو ڪن ها. اميد ته ڪو عالم ان ڏس ۾ پنهنجي ڪوجنا وسيلي باهوءَ جي نج ڪلام کي چنڊي ڇاڻي پيش ڪندو.

صوفياڻي مابعد الطبيعات جي ڏس ۾ اهوئي چئي سگهجي ٿو ته پاڻ وحدت الوجود جي فلسفي جو قائل هو، تنهن هوندي به اهو فلسفو سندن فڪري سرشتي جو بنياد بڻجي نه سگهيو. اها ڳالهه به بلڪل واضح آهي ته پاڻ وحدت الوجود جي فلسفي کي هڪ ڪائناتي نقطہ نظر طور قبول نه ڪندا هئا. زندگي ۽ ڪائنات بابت سندن رويو ان فلسفي سان هم آهنگ ڪونهي. پاڻ پنهنجي دور جي قادري دانشورن جي وحدت الوجود جي سماجي ۽ مذهبي نتيجن کي قبول ڪندا هئا. اهو فلسفو وٽن هڪ صوفياڻو ۽ شاعراڻو تعقل رکي ٿو. وحدت الوجود





جا ويچار سلطان باهوءَ جي شاعريءَ ۾ عام نظر اچن ٿا:

ایہہ تن رب سچے دا حُجرا وچ پا فقیرا جھاتی ہو
ناں کر منت خواج خضر دی تیرے اندر آب حیاتی ہو
شوق دا دیوا بال ہنیرے متاں لبھی وست کھڑاتی ہو
مرن تھیں اگے مر رہے باھوؒ جنہاں حق دی رمز پچھاتی ہو

اي فقير تنهنجو هي جسم سچي رب جو گهر آهي، تون پنهنجي من ۾ اندر جهاتي ته پائي ڏس، تون خواجه خضر عليه السلام (جنهن آب حيات پي ظاهري حيات جاوداني ته ماڻي ورتي) کي منٿون نه ڪر، ان جو احسان نه کڻ. تنهن جي اندر ۾ ئي عشق الاهي جو (چشمو) آب حيات موجود آهي. پنهنجي اندر جي اونداهيءَ ۾ شوق الاهي جو ڏيئو ٻار ته توکي تنهنجي اندر ۾ لڪل حقيقي حيات ملي پوندي. اي باهو جنهن حق جي رمز (شهود ۽ وجود) کي سڃاڻي ورتو، انهن جا نفس ۽ جسم اڳ ۾ ئي مري ويا ۽ انهن کي آب حيات کان سواءِ حيات جاوداني ملي ويئي.

پنهنجي هڪ ٻئي بيت ۾ پڻ ساڳئي ئي فلسفي جي ڳالهه ڪري ٿو.

ایہہ تن رب سچے دا حجرا دل کھڑیا باغ بہاراں ہو
وچ کوزے وچ مصلے دے سجدے دیاں تھاراں ہو
وچ کعبہ وچ قبلہ وچ الا اللہ پُکاراں ہو
کامل مرشد ملیا باھوؒ اوہ آپے لیسی ساراں ہو

منهنجو هي تن سچي رب جو گهر آهي (ان حقيقت جو مشاهدو ماڻي خوشيءَ وچان) منهنجي دل باغ بهار ٿي پئي آهي، هاڻي حالت اها آهي ته منهنجي پنهنجي ئي من ۾ ڪوزو ۽ مصلو موجود آهي ۽ اندر ۾ ئي مسجدون. مون پنهنجي اندر ۾ ئي ڪعبي ۽ قبلي کي ڳولي هٿ ڪيو آهي ۽ پنهنجي من جي اندر اثبات جي ذات کي پيو الا الله چوان ٿو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(اي) باهو ڪامل مرشد مليو، جنهن جي ڪري عرفان حق ماڻيم. اهو (مرشد ڪامل) پنهنجو پاڻ ئي سلوڪ جي واٽ ۾ سار سنڀال لهندو ۽ نگهباني ڪندو.

الله چنبے دی بوٹی میرے من وچ مرشد لاندا ہُو
جس گت اتے سوہنا راضی ہوندا وہو گت سکھاندا ہُو
ہر دم یاد رکھے ہر ویلے سوہنا اٹھاندا بہاندا ہُو
آپ سمجھ سمجھیندا باھُوؒ آپ آپے بن جاندا ہُو

هي سلطان باهوءَ جو تمام گهڻو مشهور بيت آهي. ان ۾ سلطان باهو پنهنجي سوچ جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي.

رب سائين چنبي (ٻوٽي جو نالو) جيڪو مرشد منهنجي دل ۾ پوکي ٿو، منهنجو جمال ڀريو مرشد جن حالتن ۽ ڪيفيتن کي پسند ڪري ٿو، مون کي اهوئي طرز عمل سيکاري ٿو، يعني منهنجي اٿڻي ويهڻي سندس رضا موجب آهي. منهنجو محبوب ۽ مرشد ان حد تائين نگهبان آهي، جو هر وقت منهنجي سار سنڀال لهي ٿو، يعني تہ هر وقت مون کي ياد رکي ٿو ۽ پنهنجي رحمت جي نظر کان ڪڏهن بہ غافل نٿو ٿئي. منهنجو هر فعل مرشد ڪامل جي فرمان موجب آهي، ايتري قدر جو هو مون کي اٿاري ۽ ويهاري بہ ٿو.

اي باهو هو پاڻ کي مون کي وظائف معرفت سمجهي ٿو ۽ مون کي پنهنجي محبت ۾ ماري پاڻ ئي منهنجي وجود ۾ پيهي وڃي ٿو.

باهو فرمائي ٿو، مرشد ڪامل نہ فقط اهڙيءَ ريت مڪمل سارسنڀال لهي ٿو بلڪ سندس جسم فنا في الشيخ هئڻ ڪري پنهنجو نٿو رهي، بلڪ مرشد ڪامل جو وجود ٿي پوي ٿو، جيڪو پوءِ معرفت ڪائنات ۽ معرفت ذات جي هر راز جي ڄاڻ ڏئي ٿو.

اهڙي ئي درجي تي پهچڻ يا منزل ماڻڻ بابت رحمان بابا چوي ٿو:

واڑ تہ ئے خندا ول کہ جڑاول کڑے





زے پہ اخپلہ نہ خندا کڑم نہ جڑا (3)

ترجمو: منهنجي کلڻ ۽ روئڻ ۾ تون ئي آهين، مان تہ نہ ڪڏهن کليو آهيان ۽ نہ ڪڏهن رنو آهيان.

اهڙين ئي ڪيفيتن لاءِ ڪنهن چيو آهي:

مقصد میرا وہی ہے جو مطلب ہے یار کا
میں اپنے اختیار میں بے اختیار ہوں

۽ شاهہ صاحب فرمايو آهي:

لِکو ڪين، لطيف چئي، پاروچو ٻئي پار،
ٿيءُ ستي، ٻڌ سندرو، پرت پنهونءَ سين پار،
نايو نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.
(سسئي آبري)

مون کي 'ابيات باهو' جو اڀياس ڪندي هڪ ٻي ڳالهہ اها نظر آئي تہ جهڙي ريت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ قرآني آيتن جو سهڻي نموني واهپو ڪيو آهي، اها ساڳي صورتحال باهوءَ جي ڪلام ۾ بہ نظر اچي ٿي.

باهو چوي ٿو:

الست بربکم سنیا دل میرے نت قالو بلیٰ کو کیندی ہو
حب وطن دی غالب ہوئی ہک پل سون نہ دیندی ہو
قہر پوے تینوں رہزن دنیا توں تاں حق داراہ مریندی ہو
عاشقاں مول قبول نہ کیتی باھُوؒ تونے کر کر زاریاں روندی ہو

ازل جي ڏينهن جڏهن الله تعاليٰ ارواحن جي عالم کي خطاب ڪيو تہ منهنجي دل وڏي واڪ قالو بليٰ چئي رهي آهي. جسم ۾ گهڙي ۽ دنيا جي سفر ۾ مبتلا ٿي، هاڻي منهنجي روح تي اصلي وطن يعني عالم بقا جي محبت غالب ٿي ويئي آهي ۽ بيقراري ۽ سڪ مون کي هڪ گهڙي سمهڻ يا سک سان ويهڻ نٿي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏيئي. اي رهزن دنيا توتي قهر پوي، چاڪاڻ ته تون حق جي راهه جي رهزن آهين. اي باهو هيءَ دنيا جيتوڻيڪ هزارين حيلا بهانا ڪري پنهنجو ڪرڻ چاهي ٿي، پر عشاق (ذات الاهي جنهن الست بربڪم جو آواز ٻڌو ۽ جواب قالو بلىٰ چيو، تن هن دنيا کي هرگز قبول نه ڪيو.

ان ڏس ۾ بلهي شاهه جي ڪافي 'ہوری کھیلوں گی کہ بسم اللہ' جي هيٺين مصرع پڻ ذڪر جوڳي آهي:

الست بربکم پیتم بولے، سب سکھیاں نے گھونگھٹ کھولے
قالو بلیٰ ہی یوں کر بولے، لا الہ الا اللہ

ساڳيءَ ريت شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو:

"اَلستُ بِرَبّڪُمر"، جڏهن ڪَنِ پِيومِ،
"قالو بلىٰ" قَلب سِين، تڏهن تِتِ چيومِ،
تَهين وِيرَ ڪِيومِ، وچن ويڙهيچن سين.
(سُر مارئي)

مٿين ٽن مثالن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته نندي ڪنڌ جي صوفين ۽ صوفي شاعرن جي سوچ، فڪر ۽ نقط نظر ۾ هڪجهڙائيءَ جو عنصر غالب آهي ته گڏوگڏ هنن وٽ دنيا جا علمي خزانا هوندي به ڄاڻ ۾ وسعت آهي. خاص طور تي قرآن شريف جي فلسفي ۽ آيتن تي ان حد تائين عبور حاصل آهي، جو ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سهڻي نموني شامل ڪري پيش ڪيو اٿن.

## حوالا


1. سلطان حامد، مناقب سلطانی(اردو ترجمہ) الفاروق بک فائونڈیشن بھیرہ 1973ع، ص:10.
2. ایضاًص:17.
3. اقبال صلاح الدین، لعلاں دی پنڈ، ملک چنن دین لاہور، ص:504.
4. گیلانی سید اولاد علی، اولیائے ملتان، ملتان کتاب گھر، 1972، ص:249.







5. ایضاًص:250.
6. لاجوتی کرشن رام ڈاکٹر، پنجابی دے صوفی شاعر (پنجابی ترجمہ) رادھا سوامی، سوامی ست سنگ بیاس بھارت، ص: 71.
7. علی سلطان الطاف، ابیات باہو، الفاروق فائونڈیشن، بھیرہ 1975، ص:635.
8. احمد نذیر ڈاکٹر، کلام سلطان باہو، بک ہوم، 2001ع.
9. سلطان حامد، مناقب سلطانی، الفاروق فائونڈیشن بھیرہ 1973، ص:33.
10. فیاض محمود سید، تاریخ ادبیات مسلمانان پاکستان وہند، فیروز سنز، 1966ع، جلد 13، ص:294.
11. خاک کرپال سنگھ ڈاکٹر، حضرت سلطان باہو، رادھا سوامی ست سنگ بیاس دیرہ بابا جیمل سنگھ پنجاب، اردو ترجمہ 2007، ص:26.
12. باہو سلطان، محکم الفقر اخورد، اردو ترجمہ ص:18، اللہ والے کی قومی دکان لاہور، کتاب پر سال درج نہیں.
13. ایضاًص:45.
14. باہو سلطان، گنج الاسرار، اللہ والے کی قومی دکان لاہور، ص:4، کتاب پر سال درج نہیں.
15. جاوید قاضی، پنجاب کے صوفی دانشور، فکشن ہائوس لاہور، ص:151.
16. علی سلطان الطاف، ابیات باہو، الفاروق فائونڈیشن بھیرہ 1978، ص:110.
17. قدوسی اعجاز الحق، تذکرہ صوفیائے سرحد، فکشن ہائوس لاہور 1973، ص:42.
18. علی سلطان الطاف، ابیات باہو، الفاروق فائونڈیشن بھیرہ 1975، ص:127.
19. علی سلطان الطاف، ابیات باہو، الفاروق فائونڈیشن بھیرہ 1975، ص:77.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair